# انقلابي نظرئي سان هٿياربند ٿيو

Gul Hayat Institute

سنڌي عوامي تحريڪ

قيمت ٣-٠٠ رپيا

# انقلابي نظريي سان هٿياربند ٿيو!

**انقلاب** آڻڻ لاءِ هڪڙي انقلابي تنظيم لازمي آهي. ١٩١٧ع واري روسي انقلاب کان اڳ سرمائيداري دور ۾ پورهيت طبقي اڪثر وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون، وڏيون مڙسيون ڪري، عوام دشمن قوتن خلاف ڀرس ڪيون جهڙپون ڪيتريون وڏيون شروعاتي سوڀون حاصل ڪيون، پر هو جلد ئي پوئتي پئي شڪستون کائي، سڀ ڪجهه وڃائي، في الحال سچا سگهارا ٿي ويا. ان ڳالهه جا جيڪي مکيه سبب هئا انهن منجهان هڪڙو اهو هو ته عوام جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ڪا صحيح نموني بنايل ۽ صحيح ڍنگ سان هلندڙ انقلابي پورهيت تنظيم ڪانه هئي.

اها تنظيم ڪهڙي هجي، ان ۾ ڪنهن کي ڪنهن کي شامل ڪجي، ان جا فيصلا ڪيئن ٿين، ان جي پڪائي ڪيئن قائم ٿئي، ان جي اڳواڻي ڪير ۽ ڪيئن ڪري، انهن ڳالهين تي سڄي دنيا جي انقلابين ۾ وڏا بحث مباحثا هليا. تان جو لينن اچي مارڪس ۽ اينجلس جي تعليم جي روشنيءَ ۾ انهن سمورن بحثن ۽ اوستائين ٿيل سموري انقلابي تجربي جو نچوڙ ڪڍي، هڪڙي

Gul Hayat Institute

انهن کي راڄوڻي ڳوٺاڻي نموني يا پارٽي باڻي جي نموني يا وڏيرڪي، سرمائيدار نموني، مڙيئي ٺاٺم پاس ڪرڻ، ڪم ٽپائڻ جي نموني نہ پر، انقلابي پورهيت وطن دوست نظرئي جي روشنيءَ ۾، با اصول طريقي سان صحيح نموني حل ڪندا سون. صحيح جدلي سوچ، صحيح انقلابي پورهيت وطن دوست نظرئي ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقي، صحيح سياسي واٽ، صحيح حڪمت عملي ۽ تدبيرن کان سواءِ ڪنهن بہ انقلابي مسئلي جو جيڪو بہ حل ڪيو سو غلط ثابت ٿيندو.

پر اسان جا نظرياتي پير اڃا ايترا پڪا ۽ پختا نہ آهن. ان صورتحال جا ڪجهہ فوري ۽ ترت سبب هي آهن:

(۱) جن سائين انقلابي نظرئي جو وسيع ۽ گهرو مطالعو ڪيو هجي، انهن جي اسان وٽ سخت اڻاٺ آهي. جن سائين وچڙو مطالعو ڪيو آهي سي بہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بہ ڪونهن. البت جن سائين تمام بنيادي ڳالهين بابت بنهہ شروعاتي ۽ مٿاڇري ڄاڻ حاصل ڪئي آهي تن جو تعداد تمام ٿورو آهي. پر انهن منجهہ بہ اهڙا سائي بنهہ گهٽ آهن جن هڪ دفعو شروعاتي ۽ مٿاڇري ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان جو مطالعو باقاعدگيءَ سان جاري رکيو آهي ۽ جيڪي هڪ پيرو سکيو اٿن سو وري بہ ورجائي پڪو ياد ڪري ڇڏيو آهي.

(۲) اسان وٽ انقلابي تعليم ڏيڻ وارا اهڙا استاد

بنهه گهٽ آهن، جي پاڻ سچي ڳالهه بلڪل چڱي طرح سمجهي، ٻين کي به سيکاري سگهن.

(٣) اهڙا استاد گهٽ آهن جي سيکارڻ لاءِ جتي ضرورت پوي اتي موجود ٿي سگهن.

(٤) اهڙا استاد گهٽ آهن جي هن ڪم لاءِ گهربل محنت، تياري ۽ جاکوڙ ڪري سگهيا ڪي ڪارائتو بڻائي سگهن.

(٥) اسان گذريل ڪجهه سال عام سياسي ڪم جي تمام گهٽي دٻاءُ هيٺ رهيا آهيون، تنهنڪري اسين هن ڪم لاءِ گهربل قوتون وانديون ۽ موجود نه ڪري سگهيا آهيون.

انهن فوري ۽ ترت سببن کان سواءِ اسان جي نظرياتي ڪچائيءَ جا ڪي ڏورانهان ۽ تاريخي سبب به آهن، جن کي ڌيان ۾ رکڻ به ضروري آهي:

(١) ناسازگار تاريخي ۽ جاگرافيائي حالتن جي ڪري سنڌ سڀن جي دور کان پوءِ ڪڏهن به صحيح معنيٰ ۾ پوريءَ طرح آزاد ڪانه رهي آهي. صدين جي انهيءَ عرصي ۾ ٻاهرين بادشاهن يا فوجي سردارن جي سنڌي يا اڻ سڌي ڦرلٽ، دٻاءُ ۽ دهشت سنڌي ماڻهن کي ايڏو ڪچلي ڇڏيو جو هنن جا قومي ۽ طبقاتي حوصلا بلڪل خطا ٿي رهيا آهن ۽ سنڌ قومي ۽ طبقاتي سياسي سمجهه تمام ٿورڙي پيل ٿي رهي آهي.
ڪيترين صدين کان -وٺي هتي زندگي جي ڪنهن

سائي هٿ سان ڪريل ۽ وڃايل ڪنهن شيءِ وانگر راهه هلندي اوچتو اهين وڃائجي وڃن ٿا جو ڇڻ هئا ئي ڪونه. ان ڪري تنظيم ۾ نظرياتي سڌاري جي تحريڪ هلائڻ ضروري آهي. انقلابي استاد مائوزي تونگ، عوام کي سيکاريو آهي ته "سڌارن جو مقصد پوري پارٽي جو تنقيد ۽ پاڻ تي تنقيد ذريعي مارڪسزم جو اڀياس آهي. سڌاري جي تحريڪ دوران اسين خاطري سان مارڪسزم جي باري ۾ وڌيڪ سکي سگهون ٿا" (ڏسو قولن جو صفحو ٣).

پيو ته اسان کي هر وقت اها چڪاس وٺڻ جي ضرورت آهي ته اسان جون سوچون، اسان جي ڪم ڪرڻ جو ڍنگ صحيح آهن يا نه؟ جيئن ته هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي. ڇاڪاڻ ته شين جي ابتڙن جي جوڙي مان ٻه ڪڏهن کهڙو ته ڪڏهن کهڙو پاسو ڀاري ٿيندو آهي ۽ ليٽ پاسي کي زور وٺڻ جي ضرورت هوندي آهي. ان ڪري وقت به وقت ڏسڻو آهي ته اهين ته ناهي ته اسان اڳين ليٽ پاسي کي ابتو مٿي ڪيو آهي جو پيو ڇگو ابتڙ پاسو مورڳو ٻنهه ليٽ ٿي ويو. تنهن کان سواءِ ڪي شيون ۽ ڳالهيون جي ڪلهه هڪڙي حالت ۾ هيون، سي ممڪن آهي ته اڄ بدلجي ويون هجن. تنهنڪري ممڪن آهي ته انهن بابت اڳوڻي صحيح پاليسي هاڻ صحيح نه رهي هجي ۽ هاڻ اسان لاءِ مورڳو رنڊڪ ۽ بار بڻجي پيئي هجي. مطلب ته

۽ غلط خيالن جي وچ ۾ فرق ۽ نڪر ٿئي ٿو. دشمن طبقن جي خيالن ۽ غلط خيالن ۽ پراڻن خيالن کي ڪيڏي سنڌن جاءِ تي عوام دوست، صحيح ۽ نون خيالن کي رائج ڪرڻ لاءِ به نظرياتي بحث مباحثو ۽ ڇڪتاڻ لازمي آهي.

انقلابي استاد مائو ان بابت ۾ ٿي چيو آهي، ”پارٽي اندر مختلف قسمن جي خيالن جي وچ ۾ اختلاف ۽ ڇڪتاڻ، سدائين ٿيندي رهندي آهي. سماج ۽ طبقن جي وچ ۾، نين ۽ پراڻين شين جي وچ ۾ جيڪي تضاد آهن، اهي اختلاف ۽ اهاڇڪتاڻ انهن اضادن جو ئي عڪس آهي. جيڪڏهن پارٽي اندر تضاد نه هجن ۽ ڪين حل ڪرڻ لاءِ نظرياتي ڇڪتاڻ نه هجي ته، پارٽي جي حياتي جيڪر ختم ٿي وڃي“ (قول ص ۱۸).

تنظيم اندر اختلافن کي نبيرڻ جو اهوئي جمهوري طريقو آهي. مائو جي چوڻ مطابق ”جمهوري طريقو عوام ۾ نظرياتي ۽ اختلافي مسئلن کي نبيرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي. جيڪو ڏاڍ، جبر جي بدران بحث مباحثي، تنقيد، قائل ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ جو طريقو آهي“. (ص ۳۸۰).

اهڙي نظرياتي سڌاري جي تحريڪن ذريعي اسين جمهوري نموني اختلاف دور ڪري تنظيم اندر ٻڌي قائم ڪري، ڪم ۾ واڌارو آڻي سگهون ٿا ۽ پنهنجي ڪم جي صلاحيت وڌائي سگهون ٿا. ائين ڪرڻ سان اسان

نہ ڏجي" (قول ص ١٣).

"وڏيرڻو جذبي ۾ ذري ماتر بہ گھٽتائي نہ آڻڻ گھرجي. اھڙو ھرھڪ خيال غلط آھي جيڪو وڏيرڻو جذبي جي شدت گھٽائي ٿو" (قول ص ٥٢).

"اڻين ھرگز نہ سمجھڻ گھرجي تہ نئون سرشتو قائم ٿيڻ شرط مضبوط ٿي سگھي ٿو. چاڪاڻ تہ اھو ناممڪن آھي. ان کي ڏاڪي بہ ڏاڪي مضبوط ڪرڻو پوندو" (ص ٢٠).

"اسان جي ملڪ ۾ سوشلسٽ نظام قائم ٿي چڪو آھي. پر سياسي ۽ نظرياتي محاذن تي اسان اڃا تائين پوري سوڀ حاصل نہ ڪئي آھي. اھو مسئلو اڃا تائين صحيح معنيٰ ۾ حل ڪونہ ٿيو آھي تہ پورھيت ۽ سرمائيدار طبقن جي وچ ۾ نظرياتي چڪتاڻ ۾ ڪير کٽيندو ...."

"رڳو انھيءَ ڪري جو اسان فتح حاصل ڪئي آھي تنھنڪري اسان کي سامراجين ۽ سندن سانڍيل ڪتن طرفان وير وٺڻ لاءِ چٽيل سازش خلاف چوڪسي رکڻ ۾ ڪڏھن بہ دير نہ ڪرڻ گھرجي. جيڪو بہ چوڪسي ۾ گھٽتائي آڻيندو سو پاڻ کي سياسي طرح سڪڻو ڪري ڇڏيندو ۽ پاڻ سياسي پاڙي ٿي پوندو" (ص ٥٠).

"گڙٻڙ ڪريو، ناڪامياب ٿيو، وري گڙٻڙ ڪريو، ناڪامياب ٿيو ۽ مرڻ گھڙي تائين اھو عمل جاري

رکون اهو آهي دنيا جي سڀني رجعت پسندن جو منطق... وڙهو ناڪامياب ٿيو، وري وڙهو، وري ناڪامياب ٿيو، اهڙي طرح سوڀ تائين وڙهندا رهو. اهو آهي عوام جو منطق" (ص ٥٠).

"هر رجعت پسند شيءِ هڪ جهڙي آهي. جيڪڏهن ان کي ڌڪ نہ هڻبو تہ اها نہ ڊهندي. هي ائين آهي جيئن پٽ ٻهارڻ. ظاهر آهي جتي ٻهارو نہ پهچندو، اتان ڪِن ڪچرو پاڻيهي صفا ڪونہ ٿيندو" (ص ٥٠).

"سامراجي ۽ ڏيهي رجعت پرست پنهنجي شڪست ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندا ۽ آخري پساهن تائين جدوجهد ڪندا رهندا... اهي مختلف طريقن سان پيچ ڏاهہ ۽ گڙ ٻڙ جي ڪاروائيءَ ۾ رڌل رهندا ۽ هر روز هر گهڙي پيهر طاقت ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندا. بلاشڪ اها ڳالهہ اڻ ٽر آهي، اسان کي ڪنهن حالت ۾ بہ پنهنجي چوڪسيءَ کان غافل نہ ٿيڻ گهرجي" (ص ١٢).

ماڻو چوي ٿو تہ "جيڪڏهن طبقاتي چڪتاڻ جي تحريڪ ۽ ٻيون تحريڪون نہ هلايون ويون ۽ انقلاب دشمن، بڇڙن ماڻهن ۽ هر قسم جي جِنن ديون کي منهن ڪڍڻ جي اجازت ڏني ويئي، اسان جا ڪارڪن انهن سڀني ڳالهين تي ماٺ ڪري ويهي رهيا، ڪيترا ڪارڪن تہ ذشمن ۽ اسان جي وچ ۾ فرق بہ وساري ويٺا، دشمن جا پاٿهن ٻيلي ٿي پيا ۽ دشمن ڪين ڪاري ڇڙوڇڙ ۽ پاڙي ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن اسان جا ڪارڪن

ته اهو بلڪل ممڪن آهي ته دشمن اسان کي ويسلو
۽ لاپرواهه ڏسي، اندران سرنگهون هڻي، اسان جي صفن
۾ تباهي مچائي ڇڏي.

چوڪس، سجاڳ ۽ هر صورتحال لاءِ تياري واسطي
سڄاري جي تحريڪ هلائڻ ضروري آهي، ان جي وسيلي
اسين پنهنجي انقلابي وطن دوست پورهيت تنظيم جي
ڇاڻ، پروڙ ۽ ان کي سمجهڻ سان، حالتن آهر ڪتب
آڻڻ جي صلاحيت ۾ وڌا واڌارا آڻي سگهنداسون، اسان
جي ڪمزورين کي ظاهر ڪيو ويندو ۽ اسان جي تنظيم
جي اندر جيڪو ڪين ڪچرو قدرتي طرح گڏ ٿيو آهي
ان کي صاف ڪري سگهبو ۽ اسان ۾ جيڪي دشمن
طرفان سرنگهون هنيون ويون آهن تن کي بند ڪري
سگهبو. اسان ۾ جيڪي زهريلا جيوڙا داخل ڪيا ويا
آهن تن کي ڳولي ڳولي گهڻي حد تائين ناس
ڪري سگهبو.

مائوزي تنگ جيڪي ڪجهه انقلابي جنگ لاءِ چيو
آهي سو هن قسم جي انقلابي جدوجهد سان به لاڳو
ٿئي ٿو. انقلابي جنگ وانگر انقلابي جدوجهد به "اهو
ترياق آهي جو نه رڳو دشمن جي زهر کي ختم ڪري
ٿو پر اسان جي پنهنجي ڪين کي به صاف ڪري ٿو."

هن ملڪ جي انقلابي تنظيمن جي گذريل تجربي
جي ڇنڊڇاڻ ڪبي ته معلوم ٿيندو ته انهن تنظيمن
کي ڪيترا بنيادي نظرياتي مسئلا درپيش آهن. انهن

Gul Hayat Institute

دنيا جي انقلابي تنظيمن جي تاريخ جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انهن جي اعليٰ ادارن جو چونڊون خاص حدن اندر خاص قسم جي احتياط سان ٿيون آهن ۽ نه ڪي عام رواجي اليڪشنبازيءَ ذريعي. ايتري قدر جو لينن جهڙي عظيم انقلابيءَ ڪي هي لفظ چوڻا پيا آهن ”اسان انقلابي سوشلسٽ جمهوريت جي بولشويڪ نمائندن بار بار چيو آهي ته جن ليڪ جي خالقن ۽ ماحول ۾ اسان کي ڪم ڪرڻو پيو پيوي تن ۾ پارٽيءَ کي مڪمل طور جمهوري نموني هلائڻ ناممڪن آهي ۽ انهن حالتن ۾ چونڊ وارو اصول فقط وات سان چوڻ جي ڳالهه آهي“ (ڏسو لينن جون چونڊ لکڻيون ١٩٦٢ع واري انگريزي ايڊيشن جو صفحو ٥٦٨).

انهيءَ سوال تان روسي انقلابي تحريڪ ۾ زبردست بحث مباحثا هليا. انهن بحثن هلندي لينن جمهوريت جي باري ۾ غلط مطالبن ڪندڙن کي بار بار ٽوڪيو ۽ سندن مطالبن جي اصليت کي کولي سمجهايو آهي. هو لکي ٿو:

## ”جمهوري“ اصول جي اصليت ڪهڙي آهي؟

”رابو چي ي ديلو اخبار جيڪي (وسيع جمهوريت بابت) ڀڙڪيدار فقرا پولي ٿي تن جي اصل مطلب تي ٿورو ويچار ڪندؤ ته توهان محسوس ڪندا ته هن آپيشاهي ۽ پوليس راج جي اونداهي دور ۾ پارٽي تنظيم اندر ’وسيع جمهوريت‘ هڪڙي نکمي ۽ نقصانڪار رانديڪڙي

وارو اصول انهيءَ ڪري آهي جو انَ جي مراد آهي ته تحريڪ اندر ڪن ماڻهن جي معتبري ۽ ڦونڊ جي لاوڙي ڪي استعمال ڪجي، ڪن ڪي تحريڪ جي حقيقي صورتحال بابت جيڪا اڻ ڄاڻائي آهي اها ڪتب آڻجي ۽ ڦونڊ جي لاڙي ڪي استعمال ڪجي، ڪن ڪي اسان جي تحريڪ جي حقيقي صورتحال بابت جيڪا بي خبري ۽ اڻ ڄاڻائي آهي تنهن جو ناجائز فائدو وٺي ڪين سمجهائجي ۽ ڪن ۾ پين ۾ تربيت جي جيڪا کوٽ آهي ۽ انقلابي تحريڪ جي تاريخ بابت سندن جيڪا اڻ واقفيت آهي ان ڪي عوام خلاف هٿيار ڪري ڪتب آڻجي. اسان جي تنظيم جي باعمل ڪارڪنن لاءِ فقط هي سنجيدو تنظيمي اصول هئڻ گهرجي. سخت کان سخت رازداري، ميمبرن ڪي سخت کان سخت چوڪسيءَ ۽ خبرداريءَ سان پرکي ڪرڻ ۽ پيشه ور انقلابين جي تربيت ڪرڻ ....

”جيڪڏهن اهي گڻ موجود هوندا ته اسان کي تمام نهاد جمهوريت پسنديءَ کان به ڪا وڏي شيءِ حاصل ٿيڻ جي خاطري رهندي. اها وڏي شيءِ آهي انقلابين جو پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل ۽ هڪٻئي تي سائين وارو پروسو. (انقلابين کي) جمهوريت پسنديءَ جي رانديڪڙي جهڙين شڪلين بابت سوچڻ جو وقت ڪونهي .... هر ڪين پنهنجي ذميوارين جو جاندار احساس آهي. ڪين تجربي مان خبر آهي ته ڪنهن نالائق

Gul Hayat Institute

جا تمام ڏورا موقعا مليا آهن تن ۾ ڪي ته ظاهر آهي ته هنن ڳالهين ڪري ڪوبه ڏوهه ڪونه ڏيکاريو هو. پر جڏهن رابوچي يي ڊيلو اخبار، جيڪا ليڊرشپ جي دعوا ڪري ٿي، سا هڙني حالتن ۾ پاڻ کي 'وسيع جمهوري' اصولن بابت ٺهراءَ پاس ڪرڻ تائين محدود ڪري ٿي؛ تڏهن ان ڳالهه کي سڪلي شوبازي ۽ نمائش پسنديءَ کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو سڏي سگهجي؟...."

(چونڊ لکڻيون ص ٢١٢-٢١٥)

انقلابي تاريخ جي مطالعي مان اها ڳالهه بلڪل صاف طرح ظاهر ٿئي ٿي ته تنظيم ۾ ڪير ڪير پرتي ڪجي، تنظيم جي ادارن جون چونڊون ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪرائجن، ڪنهن ڪميٽيءَ ۾ نوان ميمبر ڪيئن کڻجن، ڪانگريسون ڪڏهن ڪوٺائجن ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون ڪي هر ملڪ ۽ هر انقلاب جي مختلف بدلجندڙ حالتن جي روشني ۾ جانچيو ۽ طئي ڪيو ويو آهي. مثال طور ويٽنام جي انقلابي پارٽي يعني ويٽنام مزورن جي پارٽي جون ١٩٣٠ع کان ١٩٦٥ع تائين ٣٥ سالن ۾ فقط ٽي ڪانگريسون ٿيون. يعني سراسري طور ١٥ سالن کان پوءِ هڪڙي ڪانگريس ٿي، حالانڪ انهيءَ دور ۾ ١٩٤٥ع کان وٺي ١٩٧٥ع تائين يعني ٽيهه سال اتر ويٽنام يعني اتر ويٽنام هڪڙو آزاد حڪومت جو مالڪ آزاد علائقو هو، جتي آسانيءَ سان ڪانگريسون ٿي سگهيون ٿي.

وسيلي ٿي اڄ جيترو وڏي ويجهي ۽ طاقتور ٿي سگهي
آهي. اڄ روسي سوشلسٽ تحريڪ فقط انهيءَ ڪري
گهوٽالي ۾ آهي جو وٽس اهڙا سٺي تربيت، ورتل ۽
تجربيڪار ليڊر ڪونهن جيڪي پاڻمرادو سجاڳ ٿيندڙ
عوام جي رهبري ڪري سگهن. اهڙي وقت تي اسان
جا عقل جا وڏا احمقن واري اونهي دانائيءَ سان واڪا
ڪري پيا چون ته ”تحريڪ هيٺان عوام کان شروع نه
ٿيندي ته ڪم خراب ٿي پوندو.“

”...اکرن جي هيرڦير ڪندڙ، سگهڙي لفاظي ڪندڙ
پورهيت طبقي جا بدترين دشمن آهن. هو بدترين دشمن
ان ڪري آهن جو هو عوام ۾ ذليل ۽ ڪريل اڌما
اڀارين ٿا، ان ڪري بدترين دشمن آهن، جو جن مزورن
اڃا (انقلابي سمجهه جي) روشني حاصل نه ڪئي آهي
سي انهن دشمن کي سڃاڻي نٿا سگهن جيڪي چون ٿا
۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻئين به ٿا ته اسين عوام جا گهڻگهرا
آهيون. هو ان ڪري عوام جا بدترين دشمن آهن جو
هن نااتفاقي ۽ بدتر جي دور ۾ جڏهن اسان جي تحريڪ
اڃا مس ڪا نه ڪا شڪل پئي وٺي، تڏهن عوام
جيڪي پنهنجي غلطي فقط تلخ تجربن کان پوءِ ئي
محسوس ڪري سگهن ٿا تن کي اکرن جي هيرڦير ۽
سگهڙيءَ لفاظيءَ جي ڪوڙڪين ۾ منجهائي مارڻ ۽ گمراه
ڪرڻ کان سولو ڪم ٻيو آهي ئي ڪونه.“ (چونڊ
لکڻيون ص ١٩٨ - ١٩٩).

Gul Hayat Institute

تڏهن ڀلا ڇا عوام کي جمهوريت جي ڪا به ضرورت ڪانهي ؟ نه! عوام کي صحيح ۽ حد اندر جمهوريت جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

## جمهوريت ۽ مرڪزيت ۾ لاڳاپو

عوام ۽ سندن تنظيم کي صحيح ۽ حد اندر جمهوريت جي سخت ضرورت آهي. تنظيم ۾ گهربل جمهوريت نه هوندي ته تنظيم ڪجهه وقت مشين وانگر ڪم ڪري پوءِ ازخود بيهي رهندي. ماؤ تنظيم ۾ صحيح ۽ گهربل جمهوريت جي ضرورت هجڻ جي باري ۾ اسان کي بار بار هدايت ڪئي آهي. "جيڪڏهين پارٽي زندگيءَ ۾ ڪافي جمهوريت نه آهي ته پيشقدميءَ (پنهنجي دليان پاڻمرادو اڳتي وڌي ڪو چڱو ڪم ڪرڻ) جو جذبو ڪم آڻي نٿو سگهجي. فقط جمهوري ماحول ۾ ئي قابل ماڻهن جي وڏي تعداد کي اڳتي آڻي سگهجي ٿو" (قول ص ١١٨).

"جيستائين ڪو ماڻهو دشمن مان نه آهي ۽ بڇڙي نيت سان حملو نٿو ڪري ته هن کي ڳالهائڻ ڏنو وڃي، ڪٿي هو ڪير به هجي ۽ جيڪڏهن هو ڪا غلط ڳالهه چوي ٿو ته اها وڏي ڳالهه نه آهي. سڀني سطحن جي اڳواڻن جو فرض آهي ته هو ٻين جي ڳالهه ٻڌن......

"عوام جي صفن ۾ جمهوريت مرڪزيت سان، آزادي ۽ ضابطي سان ڳنڍيل آهي. هي هڪ ئي شيءِ جا ابتڙ

Gul Hayat Institute

پاسا آهن جن ۾ ضد سان گڏوگڏ ايڪو آهي، ۽ اسان کي هڪ طرفي طور هڪڙي تي زور رکي ٻي کان انڪار نہ ڪرڻ گهرجي. عوام جي ضمن اندر اسين نہ تہ آزادي کان سواءِ ۽ نہ ئي جمهوريت کان سواءِ ڪم هلائي سگهون ٿا نہ ئي مرڪزيت کان سواءِ جمهوريت ۽ مرڪزيت جي ۽ آزادي ۽ ضابطي جي، هيءَ هيڪڙائي اسان جي جمهوري مرڪزيت جوڙي ٿي. هن سرشتي هيٺ عوام وسيع جمهوريت ۽ آزادي ماڻين ٿا، پر ساڳي وقت کين سوشلسٽ ضابطي جي حدن اندر رهڻو پوي ٿو" (قول ص ١٨١).

"اسان کي پارٽيءَ جو ضابطو نئين سر ورجائڻ گهرجي جيڪو هيٺين ريت آهي.

(١) فرد تنظيم جي تابع آهي.

(٢) ٿورڙائي گهڻائي جي تابع آهي.

(٣) هيٺين سطح مٿين سطح جي تابع آهي. ۽

(۴) سمورا ميمبر مرڪزي ڪاميٽي جا تابع آهن، جيڪو بہ ضابطي جي هنن فقرن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو سو پارٽي جي ٻڌي ٽوڙي ٿو" (قول ص ١٨١).

"پارٽي جي ضابطي جي هڪ گهرج اها آهي تہ ٿورڙائي کي گهڻائي آڏو ڪنڌ نمائڻ گهرجي. جيڪڏهن ٿورڙائي جي راءِ رد ڪئي ويئي آهي تہ کيس اڪثريت جي ورتل فيصلي جي تائيد ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ضرورت پوي تہ ٿورڙائي انهيءَ ڳالهہ

Gul Hayat Institute

کي ٻيهر غور لاءِ ٻي گڏجاڻيءَ ۾ پيش ڪري سگهي ٿي، پر اهڙيءَ ڪان سواءِ هن کي ڪنهن به نموني ۾ اهڙيءَ فيصلي جي خلاف ڪم نه ڪرڻ گهرجي“ (قول ص ١٨٢).

فلسطيني عوام جي آزاديءَ جي تنظيم، ”فلسطين جي آزادي لاءِ عوامي محاذ“ اڪثريت جي فيصلي جي تعميل ڪرڻ جي اصول کي هنن لفظن ۾ پيش ڪيو آهي:

”پارٽيءَ اندر هر نقطہ نظر کي حق آهي ته اهو تنظيمي دائري اندر مڪمل آزاديءَ سان پيش ڪيو وڃي، پر جڏهن انهي نقطہ نظر تي بحث ٿي وڃي ۽ پارٽي (ان جي اڪثريت) ان بابت ڪو فيصلو ڪري ڇڏي ته پوءِ پارٽيءَ اندر هر ماڻهوءَ جو فرض آهي ته جيستائين پارٽي ڪانگريس ۽ رٿابندي ڪندڙ ادارن ۾ ان تي ٻيهر بحث ڪرڻ جو موقعو اچي، تيستائين ان فيصلي تي محڪم رهي، ان جو بچاءُ ڪري ۽ ان سان مڪمل طرح وفادار رهي....

”مرڪزيت جي تصور جو ٻيون پاسو اهو آهي ته جڏهن پارٽي جمهوري نموني ڪو فيصلو ڪري ته پوءِ پارٽي اڳواڻن کي ان فيصلي تي عمل ڪرڻ دوران قطعي اختيارات حاصل آهن. جنهن مهل فيصلي تي عمل شروع ٿئي ٿو تنهن مهل جمهوريت ختم ٿيو وڃي، بحث ۽ مناظرو ختم ٿيو وڃي. پوءِ رڳو حڪم جي تعميل، ضابطي، وفاداري ۽ هدايتن جي مڪمل پوئواريءَ

جي گنجائش آهي، پر ڪنهن به ڳالهه جي نه.“
(”فلسطين جي آزادي لاءِ حڪمت عملي“ ص ٣٢٢).

ساڳي ماءُ صحيح ۽ غلط ڳالهين جون جيڪي ڪميونيون مقرر ڪيون آهن تن مان به ضابطي بابت آهن. هو ميڪاري ڏو ته ”اهي ڳالهيون ۽ عمل صحيح آهن جيڪي جمهوري مرڪزيت کي رد ڪرڻ يا ڪمزور ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪن ۽ اهي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻي کي رد يا ڪمزور ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ٿين.“

هن اسان کي کولي سمجهايو آهي ته جمهوريت هڪڙي شيءِ آهي ۽ بي لغام ڇڙواڳ جمهوريت ٻي شيءِ ۽ اسان کي هدايت ڪئي اٿس ته ڇڙواڳ جمهوريت جون پاڙون پٽي ڪڍو. هو چوي ٿو ته ”پارٽي اندر جمهوريت، نظم ۽ ضبط کي مضبوط بنائڻ ۽ ويڙهو صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ آهي نه ڪي کين ڪمزور ڪرڻ لاءِ آهي“ (ص ١١٩).

”نظرئي جي ميدان ۾ ڇڙواڳ جمهوريت جون پاڙون پٽيو..... ڇڙواڳ جمهوريت پارٽي تنظيم کي ناس ڪري ٿي. پارٽيءَ جي ويڙهو صلاحيتن کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ انقلاب جي شڪست جو سبب بڻجي ٿي. ڇڙواڳ جمهوريت جو سرچشمو ۽ ڪارڻ هيٺين وچولي طبقي جي خود خيالي ۽ ضابطي کان ڏاهه آهن“ (ص ١١٩).

ڏنا تہ توهان جي لاءِ موزون ۽ مناسب جاءِ آهي بہ اها ڏيڻ ۽ اتي پهچڻ لاءِ اسين پنهنجي وس آهر توهان جي سيڪا مدد ڪرڻ چاهيون ٿا. رڳو اها هڪڙي مهرباني ڪريو جو اسان جي هتان ڪي چڏي ڏيو، اسان ڪي ڇهئي نہ پؤ ۽ آزاديءَ جي شاندار لفظ ڪي داغدار نہ بڻايو. اسان ڪي بہ آزادي آهي تہ جيڏانهن وڻي تيڏانهن وڃون. اسان ڪي بہ اها آزادي آهي تہ پاڻ ۾ ويڙهہ ڪريون. رڳو ڏيڻ خلاف نہ پر جيڪي ڏيڻ ڏانهن رخ پيا رکن انهن سان بہ ....“ (لينن جون چونڊ لکڻيون ص ٣٠٤)

دنيا ۾ مسئلا تمام منجهيل ۽ پيچيدا ٿين ٿا. هر مسئلي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بنا ان جي اصل حقيقت ڪي سمجهڻ ڏکيو آهي. شين ڪي رڳو مٿاڇري نموني ڏسبو پيا فقط هڪڙي پاسي کان ڏسبو تہ ماڻهو جي سوچ غلط ٿي ويندي. تنهن کان سواءِ ڪنهن بہ ڳالهہ ڪي سمجهڻ لاءِ ڳوڙهي سوچ ويچار ۽ اڀياس جي ضرورت آهي. ساڳي انهي مسئلي بابت اسان ڪي هنن لفظن جي هدايت ڪئي آهي:

”.... مسئلا منجهيل آهن. تنهن لاءِ ضروري آهي تہ اسان جا ذهن هر ڪنهن مُنجهہ ڪي منهن ڏيڻ جهڙا هجن“ (ص ٢١).

”دنيا ۾ سنوان سڌا رستا نہ هوندا آهن، اسان ڪي ورن وڪڙن واري رستي تي هلڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي

۽ سولي سوپ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي .... مطلب تہ آئيندو روشن آهي ۽ رستي ۾ ور وڪڙ آهن" (ص ۱۴۱).

"هن دنيا ۾ شيون منجهيل آهن ۽ سندن دارومدار گهڻين ڳالهين تي آهي. اسان کي مسئلي تي رڳو هڪ پاسي کان نہ پر هر ڪنهن پاسي کان نظر وجهڻ کپي" (ص ۱۵۴).

"اسان کي سکيا حاصل ڪرڻ ۾ پيڙ هڻڻ گهرجي" (ص ۲۱۸).

پر ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ نظرئي جي مطالعي جي ڪابہ خاص ضرورت ڪانهي. عوام ۾ روزمره جو ڪم ڪبو هلبو تہ پاڻهي عوام سڀڪجهہ سکي ويندا ۽ انقلاب اچي ويندو. ڪن جو تہ خيال آهي تہ عوام ۽ ڪارڪنن جي پويان لٺ کڻي نہ پئجي تہ نظرئي جو اڀياس ڪريو. سڀڪو پنهنجي تجربي مان پاڻمرادو سڀڪجهہ سمجهي ويندو. رڳو ايمانداري ۽ محنت کپي. پوءِ هر ڪم آسان ٿي ويندو. ساٿي ليڪن ان ڳالهہ کي سختيءَ سان رد ڪيو آهي. هن چيو آهي:

## نظرياتي جدوجهد جي ضرورت

"اڄ تہ جرمنيءَ جو مثال وٺون .... (مزورن ۾) ڪم جيئن پاڻمرادو پيو هلي تنهن جي خلاف ڇتي جدوجهد لازمي هئي ۽ سالن جا سال اهڙي ڇتي جدوجهد ڪرڻ کان پوءِ ئي برلن جي پورهيت آبادي جهڪا اڳي

جذبو پيدا ٿئي“ (چونڊ اڪيڊيون ص ١٣١-١٣٢).

”حالتون سدائين تبديل ٿين پيون ۽ پنهنجن خيالن کي نين حالتن مطابق بنائڻ لاءِ ائين ضروري آهي“ (ص ٢١٨).

”مارڪسي نظرئي ۾ پڙ ٿيڻ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان ۾ پڙ رکڻو انهيءَ مقصد سان ٿجي جو ان کي لاڳو ڪجي“ (ص ٢٢٠).

”ڪم جو تجربو رکندڙ ماڻهن کي نظرئي جو ائين ڪرڻ گهرجي ۽ سنجيدگي سان پڙهڻ گهرجي.... اهڙي ريت ئي هو پنهنجي جزوي تجربي کي عالمگير سچائي سمجهڻ جي غلطي نه ڪندا ۽ تجربيت پسنديءَ جون غلطيون نه ڪندا“ (ص ٢٢٢).

## وطن دوستي ۽ بين الاقواميت

هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي. وطن دوستي ۽ ٻين قومن جي ماڻهن سان دوستي يعني بين الاقواميت اهي ٻئي هڪٻئي جا ابتڙ ڳڻ آهن پر ساڳئي وقت ٻئي گڏجي هڪڙي هيڪڙائي ۾ آهن تان پنهنجي ۾ توازن رکڻ ضروري آهي. توازن عارضي حالت آهي، سدائين ساڳيو توازن رهي نٿو سگهي. ڪيترن سببن ڪري ڪڏهن ڪهڙو پاسو ڀيٽ ڏيو وڃي، ڪڏهن ڪهڙو. ان ڪري هر دفعي توازن کي نئين سر درست ڪرڻ جي ضرورت پوندي رهي ٿي. توازن درست ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪهڙي ليٽ پاسي کي ڪٽڻو پوي ٿو ته

عوام جي خدمت هرگز نہ ڪري سگهنداسون.

## وطن دوستي ۽ بين الاقواميت

”سڄي سرمائيدار دنيا ۾ جيڪي ٻہ وڏيون طبقاتي ڪئمپون يعني سرمائيدارن جي ڪئمپ ۽ پورهيتن جي ڪئمپ آهي تن مان هرهڪ جا پنهنجا الڳ الڳ نعرا آهن. اهي نعرا قومي سوال بابت ٻہ پاليسيون (بلڪ ٻہ عالمي نقطي نظر) ظاهر ڪن ٿا. اهي نعرا آهن سرمائيدار قوم پرستي جو نعرو ۽ پورهيت بين الاقواميت (يعني سڀني قوميتن جي پورهيتن سان دوستيءَ ۽ ڀائپيءَ) جو نعرو. اهيّ ٻہ نعرا پاڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٺهڻ وارا ۽ مخالف نعرا آهن.“

(لڪنين جي مجموعي جو جلد ٢٠ ص ٢٦).

”....مارڪسزم (سرمائيدار) قوم پرستيءَ سان ٺاهہ نٿي ڪري سگهي، چاهي اها (سرمائيدار) قوم پرستي ڪٿي ڪيڙي حد ڪان وڌيڪ انصاف پسند، خالص ڪان خالص، نفيس ۽ مهذب قسم جي ڇو نہ هجي. مارڪسزم هر نموني جي (سرمائيدار) قوم پرستيءَ جي جاءِ تي ٻين قومن جي پورهيتن سان ڀائپي ۽ دوستي جي ڳالهہ ڪري ۽ قومن جي گڏجي سڏجي اچا ہہ اوچي قسم جي ٻڌي قائم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪي زور ونائي ٿي. سرمائيدار سماج ۾ قوميت جو اصول تاريخي طرح اڻ ٽر آهي. ان سماج ڪي پوريءَ طرح خيال ۾ رکندي، مارڪسي

انقلابي قومي تحريڪن جي تاريخي طور جائز هجڻ جي ڳالهه مڪمل طرح مڃي ٿو، پر اها مڃتا ڌري (سرمائيدار) قوم پرستيءَ لاءِ ڪو عذر نه ٿي پوي، انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته اها مڃتا انهن تحريڪن ۾ جيڪي ترقي پسند ڳالهيون آهن فقط تن تائين سختيءَ سان محدود رکتي وڃي ته جيئن ائين نه ٿئي جو سرمائيداري نظريو هٿي پورهيت سمجهه کي منجهائي گم نه ڪري ڇڏي.

”..... هڪ جمهوري قوت جي حيثيت ۾ پورهيت طبقي جو اهو لازمي فرض آهي ۽ پورهيتن جي طبقاتي جدوجهد جنهن ۾ قومي سوال تي ڦڏيبازي، گڙٻڙ ۽ رڪاوٽ وجهي ٿي، تنهن لاءِ اها ڳالهه يقيني طرح فائديمند آهي ته وڌيرڪي ڀيٽ ڪيي، قومي ظلم ۽ ڏاڍ ڪي ۽ ڪنهن خاص قوم يا ٻوليءَ کي ڪي خاص حق ۽ رعايتون ملبل هجن ته انهن کي به ختم ڪيو وڃي. سرمائيدار قوم پرستيءَ جي پٺڀرائي ڪرڻ مهل انهن سخت محدود ۽ مقرر تاريخي حدن کي اورانگهي اڳتي وڃڻ جي معنيٰ ٿيندي پورهيتن سان غداري ڪرڻ ۽ سرمائيدارن جو طرف وٺڻ. انهي جاءِ تي هڪ سرحد آهي جيڪا اڪثر تمام جهڪي هوندي آهي. بند وارا (يهودي سوشلسٽ) ۽ يوڪرائني قوم پرست سوشلسٽ اڪثر ان حد کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن“

(قومي سوال تي تنقيدي تبصرا جلد ۲۰ صفحو ۳۴، ۳۶).

جو پاڻ ۾ گهري ۽ گهرو ۽ مڪمل اتحاد هوندو.

”زارشاهي جو تختو (هڪ ئي قومن جا نه) سمورين قومن جا پورهيت ئي اٿلائي سگهن ٿا. ۽ (سو به ڏاڍهن جڏهن) هو سڀ پاڻ ۾ متحد هجن.... ان جو مطلب اهو ٿيو ته جيڪي پورهيت سمورين قومن جي پورهيتن سان مڪمل اتحاد ڪرڻ جي فرض تي پنهنجي سرمائيدار طبقي سان سياسي ٻڌي ڪرڻ کي فوقيت ڏين ٿا سي پنهنجي مفادن، سوشلزم جي مفادن ۽ جمهوريت جي مفادن خلاف ڪم ڪن ٿا“ (جلد ١٩ ص ٢٣٥).

”ڪوبه مارڪسي، مارڪسزم ۽ سوشلزم جي اصولن تان دستبردار ٿيڻ بنا ان ڳالهه کي مڃڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهي ته سوشلزم جا مفاد، قومن جي خود اختياري جي حق کان اول ۽ بالاتر آهن“ (”بدقسمتي واري امن جي تاريخ بابت“ جلد ٢٦ ص ٤٣٩).

”(سمجهو) پورهيت ڪنهن قومي رياست جي برابر ۽ برابر حقن کي تسليم ڪرڻ سان گڏوگڏ سمورين قومن جي پورهيتن جي اتحاد کي ٻين سڀني ڳالهين تي فوقيت ڏئي ٿو ۽ هر قومي گهُر ۽ هر قومي علحدگي جي ڳالهه کي پورهيت طبقي جي جدوجهد جي نقطي نگاهه کان پرکي ٿو“ (لکٽين جو مجموعو جلد ٢٠ ص ٤١١).

”ص: ٢٥٨ ... سمورين قومن کي خود اختياري جو حق هئڻ گهرجي (يعني هر هڪ قوم کي اها دستوري ضمانت

هٿڻ گهرجي. ته ڪنهن رياست کان الڳ ٿيڻ جي سوال کي سورهن آنا آزاد ۽ جمهوري طريقي سان نبيريو وڃدو) اها هڪڙي ڳالهه آهي ۽ ڪنهن قوم کي واقعي ڪنهن ڏنل رياست کان الڳ ٿي ڪا ڌار رياست ڪرڻي يا نه، سا قطعي ٻي ڳالهه آهي ۽ ٻنهي کي هڪڙي ڪري سمجهڻ وڏي ڀل ٿيندي. سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (ڪميونسٽ پارٽي) کي گهرجي ته جڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ته فلاڻي قوم کي فلاڻي رياست کان الڳ ٿيڻ کپي يا نه، تڏهن (ڪو عام فيصلو ڪرڻ بدران) هر مسئلي جو اهڙو الڳ فيصلو ڪري جو ان مسئلي جي خاص حالتن ۽ ضرورتن پٽاندڙ هجي. ان کي سڀ کان پهرين اها جاچ ڪرڻ کپي ته مجموعي سماجي واڌاري کي ۽ سوشلزم قائم ڪرڻ لاءِ پورهيت طبقي جي طبقاتي جدوجهد کي وڌيڪ هٿي ڪهڙي ڳالهه سان ملندي (يعني گڏ رهڻ مان يا الڳ ٿيڻ مان)" (لکڻين جو مجموعو جلد ١٩، ص ٤٢٩).

"سياسي جمهوريت جي هن گهر (يعني قومن جي پنهنجي قسمتن جي فيصلي پاڻ ڪرڻ جي حق) جو توس مطلب اهو آهي ته اها مڪمل آزادي هئڻ کپي ته ماڻهو پنهنجي قوم جي ڪنهن ملڪ کان الڳ ٿيڻ جي حق بچائڻ لاءِ هلچل هلائي سگهي ۽ اها گهر ڪري سگهي ته ان قوم کي اهو حق ڏنو وڃي ته اها عام راءِ شماري ۽ ريفرينڊم ذريعي اهو فيصلو ڪري

تہ اها ان ملڪ ۾ رهڻ چاهي ٿي يا الڳ ٿيڻ چاهي ٿي. تنهنڪري قومن جي پنهنجي قسمت جي فيصلي ڪرڻ جي حق واري گهر جو مطلب، علحدگي جي گهر، نڪرا ٿيڻ جي گهر ۽ ننڍڙين ننڍڙين رياستن ٺاهڻ جي گهر نہ آهي. اِن جو مطلب رڳو اهو آهي تہ هر قسم جي قومي ظلم خلاف با اصول جدوجهد جو اظهار ڪرڻ آهي. رياست جو ڪو جمهوري نظام جيترو الڳ ٿيڻ جي مڪمل حق جي ويجهو هوندو اوترو ئي الڳ ٿيڻ جي خواهش ۾ جوش خروش گهٽبو ڇو تہ وڏيون رياستون اقتصادي واڌاري ۽ عوام جي مفادن جي خيال کان ننڍين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻيون فائدي واريون آهن جيئن جيئن سرمائيداري وڌندي ويندي، تيئن تيئن وڏين رياستن جا ننڍين جي ڀيٽ ۾ عوام لاءِ فائدا وڌندا" (جلد ٢٢، ص ١٣٦).

"اسين رياست جي سمورن علائقن جي خوداختياري جي فائدي ۾ آهيون، اسين الڳ ٿيڻ جي حق جي فائدي ۾ آهيون (۽ انهيءَ جي فائدي ۾ نہ آهيون تہ هرڪو الڳ ٿي وڃي!) هڪ جمهوري رياست کي منظم ڪرڻ لاءِ اسان جي رٿا آهي تہ علائقن کي خوداختياري ڏني وڃي. اسان جي رٿا علحدگي هرگز نہ آهي. اسين علحدگي جو پرچار نٿا ڪريون پر اسين رجعت پرست هن روسي قوم پرستي جي ڪري قومن جي الڳ ٿي وڃڻ جي حق جي حمايت ڪريون. ان رجعت پرست

اسان جو اهو فرض آهي تہ جيڪو سوشلسٽ جمهوريت-
پسند (ڪميونسٽ) اها پروپيگنڊا ڪري ٿو تہ انهن کي
بدمعاش ۽ سامراجي ڪري ليکيون. اها گهُر بلڪل
قطعي آهي ۽ جتي حالتون اهڙيون هجن جو ڪنهن
مظلوم قوم جي ظالم قوم کان سوشلزم جي اچڻ کان
اڳ الڳ ٿي سگهڻ جو امڪان هزار منجهان هڪڙو
بہ ڪٿي هجي، اتي بہ ظالم قوم جي سوشلسٽ جمهوريت-
پسندن (ڪميونسٽن) کان اها ئي گهُر ڪرڻ گهرجي.
دنيا جي سڀني قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ دوستي
۽ ڀائپي جي علمبردار سوشلسٽ جمهوريت پسند
(ڪميونسٽ) ٿيڻ لاءِ ماڻهو کي گهرجي تہ رڳو
پنهنجي قوم لاءِ هرگز نہ سوچي پر سڀني قومن،
سڀني گڏيل آزادي ۽ برابري جي مفادن کي پنهنجي
قوم جي مفادن کان اڳرو ۽ مٿاهون ڪري ليکي.
"اصولي طرح" هرڪو اها ڳالهہ مڃي ٿو پر عمل ۾
هرڪو ان اصول ڏانهن بيپرواهہ ملڪ ڦٻائيندڙن واري
لاپرواهي ظاهر ڪري ٿو....

"ٻئي طرف هڪڙي ننڍڙي قوم جي سوشلسٽ
جمهوريت پسند (ڪميونسٽ) جو فرض آهي تہ پنهنجي
هلچل ۾ اسان جي عام فارمولا جي ٻئي لفظ تي زور
ڏئي يعني "رضا خوشي واري ڳنڍپ" تي. بين الاقواميت
جي علمبردار جي حيثيت ۾ مٿس جيڪي فرض عائد
ٿين ٿا، تن تي قائم رهندي هو اها گهر ڪري سگهي

ٿو ته سنڌس قوم کي سياسي آزادي ملي ۽ اها پاسي
واري ڪنهن رياست سان شامل ٿئي، ڪيئن به هجي
ڪيس ننڍڙين قومن واري تنگ نظري، گهر جي ڪنڊ
۾ لڪي ويهي رهڻ ۽ سڄي دنيا کان الڳ ٿي پنهنجي
منهن رهڻ واري لاڙي خلاف ويڙهه ڪرڻ گهرجي.
ڪيس گهرجي ته هو سڄي ۽ عام تي ويچار ڪري ۽
خاص مفادن کي عام مفادن جي تابع رکي....

"جن ماڻهن هن مسئلي تي پوري طرح ويچار نه
ڪيو آهي سي ڀائين ٿا ته سوشلسٽ جمهوريت پسندن
(ڪميونسٽن) جي اها ڳالهه هڪٻئي جي ابتڙ آهي
جو ظالم قومن جا سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ)
قومن جي الڳ ٿيڻ جي آزاديءَ تي زور ڏين ٿا ۽
مظلوم قومن جا سوشلسٽ جمهوريت پسند (ڪميونسٽ)
وري 'قومن جي گڏجي هڪ ٿيڻ جي آزاديءَ' تي
زور ڏين ٿا. پر ٿورڙو ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو ته
دنيا جي قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ ڀائپي ۽ دوستي
۽ قومن جي ملي هڪ ٿيڻ جو هاڻوڪي صورتحال ۾
انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونهي" (جلد ٢٢،
ص ٣٢٦).

"جيڪڏهن اسين منگوليا، ايران ۽ مصر جي ماڻهن
۽ ٻين سمورن مظلوم ۽ اڻ برابري جي شڪار ٿيل
ماڻهن جي الڳ ٿيڻ جي حق جي گهر ڪريون ٿا ته
اهو انهيءَ ڪري ڪونه ٿا ڪريون ته ڪو اسين

Gul Hayat Institute

چاهيون ٿا ته ماڻهو هڪٻئي کان الڳ ٿي وڃن. اسين اها گهر رکون انهيءَ ڪري ڪريون ٿا جو زوري جي گڏپ جي جاءِ تي اسين آزاد ۽ رضا خوشي واري گڏپ ۽ ميل جول جي حمايت ڪريون ٿا" (جلد ٢٣، ص ٦٧).

"قومن جي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ ۽ الڳ ٿيڻ جي حق کي تسليم ڪرڻ مان اهو مونجهارو پيدا نه ٿيڻ کپي ته ڪو ڪنهن خاص وقت تي، ڪنهن خاص قوم جو ڪنهن ٻي قوم کان الڳ ٿيڻ هروڀرو صلاح ڀريو ۽ مناسب آهي. پورهيتن جي پارٽي کي کپي ته انهيءَ سوال جو فيصلو هر معاملي جي خاص صورتحال، مجموعي سماجي واڌاري جي مفادن ۽ پورهيت طبقي جي سوشلزم لاءِ طبقاتي جدوجهد جي مفادن کي خيال ۾ رکي پوءِ ڪري....

"پورهيت طبقي جي مفادن جي تقاضا آهي ته روس جي سمورين قوميتن جي پورهيتن جون گڏيل ۽ ساڳيون پورهيت تنظيمون هجن جهڙوڪ: سياسي تنظيمون ٽريڊ يونينون، امداد باهمي جون تنظيمون، تعليمي تنظيمون وغيره. ڌار ڌار قوميتن جي پورهيتن جو اهڙيءَ ريت ساڳين تنظيمن ۾ ملي هڪ ٿيڻ ئي پورهيت طبقي لاءِ اهو ممڪن بنائيندو ته هو بين الاقوامي سرمائيداري ۽ سرمائيدار قوم پرستي خلاف ڪامياب ويڙهه ڪري سگهن" (جلد ٢٤، ص ٣٠٢).

'انقلابي قومون' هئا، جيڪي آپيشاهيءَ خلاف لڙيا ٿي. ڇو ته ان زماني ۾ زيڪن ۽ ڏاکڻن سلاون جي مدد ڪرڻ جي سزا هئي اڻ سڌي طرح راز شاهيءَ جي مدد ڪرڻ، جيڪا يورپ ۾ انقلابي تحريڪ جي سڀ کان خطرناڪ دشمن هئي. لينن لکي ٿو 'قومن جي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ۽ ٻيون اهڙيون جمهوري گهرون ڪي قطعي شيون ناهن. اهي عام جمهوري (عام سوشلسٽ - اسٽالين) عالمي تحريڪ جو فقط هڪڙو ننڍڙو حصو آهن. ڪن خاص ٺوس حالتن ۾ ڪو حصو ٿي سگهي ٿو ته سڄي سان ٽڪر کائي. ان حالت ۾ ان حصي کي رد ڪرڻو پوندو....'

"مظلوم ملڪن جا آهي سوشلسٽ جيڪي پنهنجي قومي تنگ نظرئي کان مٿي نٿا اڀرڻ گهرن ۽ جيڪي اهو نٿا ڏسن ته سندن ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ حاڪم قومن اندر پورهيت تحريڪ جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي، تن جي قومي اڪيلائي پسندي، تنگ نظري ۽ پاڻ کي سڄي دنيا کان ڪٽي ڇڏڻ جي لاڙي سان ويڙهه ڪرڻ جي ضرورت آهي...."

"اهڙي ريت حاڪم ۽ محڪوم قومن جي پورهيت عوام کي انقلابي بين الاقواميت جي جذبي جي تعليم ڏيڻ بيحد ضروري آهي" (لينن ازم جا بنياد ص.    ).

مائو ان سلسلي ۾ چيو آهي ته:

"ڇا جيڪو ڪميونسٽ بين الاقوامي نظريو رکي ٿو

Gul Hayat Institute

ٿيو ساڳئي وقت وطن دوست به ٿي سگهي ٿو؟ اسان جو خيال آهي ته رڳو هو ائين ٿي سگهي ٿو پر هن کي ائين ٿيڻ ٿي گهرجي" (قول ص ١٢٦).

"اهو ڪهڙي قسم جو جذبو آهي جو ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ کي ٻنا ڪنهن لالچ جي چيني عوام جي آزادي جي مقصد کي پنهنجو مقصد بنائڻ لاءِ اڀاري ٿو؟ اهو بين الاقواميت جو جذبو آهي يعني ڪميونزم جو جذبو آهي جنهن مان هرهڪ چيني کي سکڻ گهرجي. سڀني سرمائيدار ملڪن جي پورهيتن مان اسان کي پڙي ڪرڻ گهرجي.... ڇو ته رڳو انهيءَ طريقي سان سامراج جو تختو اٿلائي سگهجي ٿو، پنهنجي قوم ۽ عوام کي آزادي ڏياري سگهبي ۽ دنيا جي ٻين قومن ۽ عوام کي آزاد ڪرائي سگهجي ٿو" (قول ص ١٢٧).

سنڌي ماڻهن جي حق پرست قومي جدوجهد جا صحيح مفاد پورهيت بين الاقواميت جي صحيح مفادن جي ابتڙ هرگز ناهن. مظلوم سنڌي عوام جو صحيح قومي مفاد اهو آهي ته:

(١) ظالم قوم جا ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا پنهنجي سڄي جي سڄي قوم کي اسان مظلومن جو مڪمل طرح دشمن بنائي نه سگهن.

(٢) اسان جي مظلوم پورهيت عوام ۽ ان قوم جي مظلوم پورهيت عوام جي مفادن ۾ جيڪي تضاد آهن انهن کي صحيح انقلابي اصولن جي روشني ۾ دوستاڻي

نموني ڏيکاريندي، وسيع عوام کي پنهنجي پاسي ڪري، پين ڪيڻ کي غيرجانبدار ڪري ۽ خسيس ڦورو ۽ ظالم ٽولي کي اڪيلو ۽ بي واهه بڻايو وڃي.

(٣) اسان جو پورهيت عوام ۽ پين قومن جي پورهيتن جي وچ ۾ جيڪي ڏکين ۽ دائمي مفادن جون هڪجهڙايون آهن تن کي چٽو ۽ نروار ڪيو وڃي ۽ هنن کي ان ڳالهه تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ته پنهنجي ڦورو ۽ ظالم طبقي جي چوڻ تي لڳي، ٿورڙن عارضي فائدن خاطر اسان سان دشمني نه ڪن پر پاڻ اهي غلط ۽ عارضي لالچون ۽ فائدا ٺوڪاري، پنهنجي ڏکين ۽ دائمي مفادن خاطر اسان سان صحيح انقلابي دوستي رکن، ان کي وڌائين ۽ ويجهائين.

ان مسئلي بابت مارڪسي، ليننی تعليم سنڌ ۽ هن ملڪ جي حالتن ۾ ڪيئن ڪتب آڻجي ۽ اسان جي حالتن ۾ مسئلي جو مڪمل طور صحيح حل ڪهڙو هئڻ گهرجي ان لاءِ انقلابي نظرئي ۽ اسان جي تاريخي توڙي موجوده حالتن جي گهري ۽ ڳوڙهي ڇنڊ ڇاڻ ڪري حڪمت عملي، تدبيرون ۽ پاليسيون بنائي، هڪڙي صحيح وات وٺي اڳتي وڌڻ گهرجي.

## سولين سوين حاصل ڪرڻ جو خيال ترڪ ڪرڻ ۽ سخت جدوجهد جو ڍنگ اختيار ڪرڻ

سنڌ ۾ پين ڳالهين سان گڏوگڏ سياسي اڳواڻيءَ جو معيار به تمام هيٺ آهي. اسين ڏسون پيا ته ماڻهو

Gul Hayat Institute

سان ڄا سال ڪوشش ڪريو، جيڪي قوت گڏ ڪن ٿا سا هڪڙيءَ گهڙي ۾ ضايع ڪريو ڇڏين. هو گهٽين قوتن هوندي به تمام ٿورڙو واڌارو حاصل ڪري سگهن ٿا. ان جي ڀيٽ ۾ اسان جي تنظيم جي اڳواٽي گهڻي بهتر آهي ۽ ان جيتري گهڻي محنت ڪئي اوترا گهڻا واڌارا ڪيا آهن ۽ ٿورڙي قوت هوندي گهڻيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ لڳاتار وڌندي رهي ٿي. پر ان مان اهو غلط خيال اڀري سگهي ٿو ته دنيا ۾ سڀ ڪم گهر ويٺي رڳو هوشياري ۽ ڏاهپ سان ٿي سگهن ٿا. وڏيون سوڀون سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون. انهن غلط خيالن خلاف جدوجهد بيحد ضروري آهي نه ته اسين جلد سستي، مفت خوري، سڪڻي سيٽ جو شڪار ٿي سياسي طرح سيڪجهه ڦرائي سگهنا ۽ سچا ٿي سگهون ٿا. سخت اڻانگي ۽ لاڳيتي جدوجهد کانسواءِ دنيا ۾ ڪجهه به حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي. مارڪسي، لينني ۽ مائوزي تنگ جي تعليم ٿي هلندڙن لاءِ ڪم جو فقط اهو ئي ڍنگ صحيح آهي.

## ٽوليبازي

ٽوليبازي انقلابي ضابطي جي ابتڙ آهي. اها تنظيم ۾ نظرياتي جدوجهد بدران ذاتي ۽ ڌڙي بندي واري ڦڏي فساد جو بنياد وجهي ٿي. تنظيم جو اصول اهو هجڻ گهرجي ته پلي سگهو پاڻ هجي پر جي غلط هجي ته

نقصان پهچائڻ ممڪن ڪونہ رهيو آهي تڏهن پنهنجي راه وٺي رمندا رهيا.

عام طرح اهو سمجهڻ ڏکيو ٿيو پوي تہ انقلابي تنظيمن ۾ وقت بوقت هيڏا ٽوڙا، هيڏا ڦرڦار ڇو ٿا اچن، پراڻا ساٿي پاڻ ۾ ڇو ٿا وڙهيو پون، جاني ڇو ٿا جدا ٿين، اتحاد ڇو ٿا ٽٽن؟ پراڻين ۽ آزمايل ڪارڪنن کي تنظيمن مان الڳ ڇو ٿو ٿيڻو پوي، ماڻهو خارج ڇو ٿا ٿين. ائين ڇو نہ ٿو ٿئي تہ جيڪي ماڻهو شروعات ۾ گڏجي ڪو ڇڱو ڪم ڪرڻ نڪتا هجن ۽ ڪڙا مٺا گڏ چکي چڪا هجن سي پڇاڙيءَ تائين پاڻ ۾ ساٿ نڀائين، پڇاڙيءَ تائين منجهن پريت ۽ محبت قائم رهي؟

اهو انهيءَ ڪري نٿو ٿئي جو فطرت جي اٽل قانون موجب ائين ٿي ئي نٿو سگهي تہ ڪو بہ ماڻهو، ڪا بہ شيءِ سدائين جيئن جو تيئن پهرين حالت ۾ قائم رهي. ڪائنات ۾ هر شيءِ سدائين چرپر ۾ آهي. هر شيءِ هر وقت ڦري گهري ۽ بدلجي پئي. جيڪي شيون ڪنهن وقت هڪ هنڌ گڏ ۽ پاڻ ۾ متحد هجن سي سڀ سدائين گڏ ۽ متحد هجن ائين ٿي ئي نٿو سگهي. مائٽن جا سڀ پار پڇاڙيءَ تائين سلامت نٿا رهن. هڪڙي ماءُ پيءُ جو اولاد وڏو ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي پنهنجي الڳ واٽ وٺي ٿو ۽ منجهن زمين آسمان جو فرق ٿيو پوي، جيڪي بہ ماڻهو ڪنهن گاڏيءَ ۾ پهرين اسٽيشن

انچيف چوٽيھ کي برغلائي انقلابي فوج کان ڇڄي ڌار ٿي مائو کي دشمن جي وچ ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. ١٩٥٠ ۾ ڪائوڪانگ، جائوشوشي جهڙن نامور انقلابي ليڊرن بغاوت ڪئي ۽ کين ڪيڏو پيو. ١٩٥٩ ۾ مشهور فاتح انقلابي جنرل ۽ ان وقت جي وزير دفاع مارشل پينگ تيھ هئائي چين جي ڪن چوٽيءَ جي انقلابي جنرلن جي هڪڙي ٽوليءَ سان سازش ڪري پارٽيءَ خلاف بغاوت ڪئي ۽ کيس برطرف ڪرڻو پيو. ان کان پوءِ صدر ليوشائوچي ۽ پارٽي سيڪريٽري تنگ سيائوپنگ جيڪو هاڻي مائو جي وفات کان پوءِ پوري اقتدار ۾ آيو آهي. تن کي برطرف ڪرڻو پيو. ١٩٧٠ ۾ پڻي وزير دفاع ۽ هاڪاري انقلابي سپہ سالار مارشل لن پيائو کي انقلابي جنرلن جي پڻي هڪڙي ٽولي سميت برطرف ڪرڻو پيو. مطلب تہ سڀ انقلابي انقلاب جي سڄي ڏاڪن تي انقلابي نٿا رهن. ڪيترا پهرين ڏاڪن تي انقلابي رهن ٿا پر پوءِ واٽ تان ٿڙيو وڃن. ڪي تہ صاف صاف رجعت پرست ۽ عوام-دشمن ٿيو پون.

انهيءَ ڪري پراڻي انقلابي هجڻ جي هر حالت ۾ اها معنيٰ ڪانهي تہ اهو هاڻهو هينئر بہ ڪو انقلابي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو هاڻي بہ انقلابي هجي پر اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هو هاڻي انقلاب دشمن ٿي ويو هجي ۽ هاڻي انقلابي سڏائڻ جو حقدار ئي نہ

رهيو هجي.

اسٽالن انهيءَ مسئلي تي هيئن روشني وڌي آهي:

”اسان جي تنظيم ڪا- خانداني نانيءَ ويڙهو يا ڪا ذاتي دوستين جي ڪلب ڪانهي. اها پورهيت طبقي جيّ سياسي جماعت آهي. اسين ذاتي دوستيءَ جي مفادن ڪيّ پنهنجي مقصد جي مفادن کان مٿيرو ڪري ليکڻ جي اجازت نٿا ڏيئي سگهون....

”جيڪڏهن اسان ڪي پراڻو بولشويڪ انقلابي رڳو انهيءَ ڪري چئو وڃي ٿو جو اسين پراڻا ماڻهو آهيون ته پوءِ چئبو ته حالتون بلڪل خراب ٿي ويون آهن. ماڻهو بولشويڪن جي عزت انهيءَ ڪري ڪونہ ٿا ڪن جو هو رڳو پراڻا آهن پر انهيءَ ڪري ٿا ڪن جو هو پراڻي هئڻ سان گڏو گڏ اهڙا سدا - بهار ۽ سدائين تازا انقلابي آهن، جيڪي ڪڏهن بہ مدي خارج ٿيڻ وارا ناهن. جيڪڏهن ڪو بولشويڪ انقلاب جي رستي تان ٿڙي وڃي ٿو ۽ سياسي طرح ڪريو (ڪريو) ۽ ناڪام ٿيو پوي ته پوءِ هو ڀلي ڪٿي سؤ سالن جو هجي ته بہ ڪيس ڪو بہ حق ناهي جو هو پاڻ کي پراڻو بالشويڪ سڏائي، ڪيس ڪو بہ حق ناهي ته هو پارٽيءَ کان گهر ڪري تہ پارٽي سندس عزت ڪري“ (ليننزم جا بنياد صفحو ٣٢٧).

اسان جي سماج ۾ سوچ اڃان گهڻي ڀاڱي خاندان، ذات ۽ قبيلي جي سطح تي آهي اسان وٽ ماڻهو پارٽيءَ

Gul Hayat Institute

اعليٰ اداري جي حيثيت ۾ سمورين ڏڦير وجهندڙ حرڪتن، ڪم ڪرڻ کان سمورن انڪارن، سمورن بائيڪاٽن جي سخت مذمت ڪري ٿي، چاهي اهي غلط ڪم ڪير به ڪٿي ڪري .... پارٽي ميمبرن جي وچ ۾ ڪٿي ڪهڙا به اختلاف ڇو نه هجن ۽ ڪنهن به مرڪزي اداري ۾ جيڪي ماڻهو شريڪ آهن، تن بابت ڪٿي ماڻهوءَ کي ڪيڏي به ناراضگي ڇو نه هجي پر اهڙي ڪابه ڳالهه ڪنهن به ميمبر کي اهو جائز سبب نٿي ڏئي ته ماڻهو پنهنجي (پارٽي) ڪم جو بائيڪاٽ ڪري ويهي رهي يا ويڙهه جا اهڙا ڪي پيا طريقا اختيار ڪري جن مان اصولن ۽ آدرشن جي اڻاٺ ظاهر ٿئي ۽ اهو نظر اچي ته ڪنهن ٽوليءَ جي مفادن خاطر پارٽيءَ جا مفاد قربان ڪيا پيا وڃن ۽ مان مرتبي جي تنگ خيالن تان پورهيت طبقي جي تحريڪ جي مفادن کي قربان ڪيو پيو وڃي“ (لينن: مڪمل لکڻيون: جلد ۷ ص ۱۴۷-۱۴۸).

اهڙي طرح ڪيترا ساٿي خود خياليءَ جي مرض ۾ مبتلا ٿي، جمهوري مرڪزيت ۽ تنظيمي ضابطي جي اصول تي هلڻ، تنظيم جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ ۽ اڪثريت جي فيصلن تي سختيءَ ۽ وفاداريءَ سان عمل ڪرڻ بدران خود تنظيم تي حڪم هلائڻ لڳن ٿا ۽ ان تي پنهنجي ذاتي ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ان قسم جون ڳالهيون ڪنهن حد تائين انهيءَ

Gul Hayat Institute

۽ تنظيمي پٽ مضبوط ڪري، سڀ طرفي واڌاري لاءِ ميدان تيار ڪري، تيزيءَ سان اڳتي وڌون! اچو ته همت ڌاريون، وڙهڻ لاءِ سنڌرو ٻڌون، مشڪلاتن کي منهن ڏيون ۽ ڇولين وانگر اڳتي وڌون. اچو ته صحيح ۽ پختو سياسي رخ برقرار رکون ۽ سخت جدوجهد جو ڍنگ وڌيڪ مضبوطي سان اختيار ڪريون. تنظيمي ۽ ضابطي جي جمهوري مرڪزيت جي اصول جي بنياد تي پنهنجي تنظيم جي سمورين قوتن کي متحد ڪري، ان ٻڌيءَ جي وسيلي پنهنجي سموري مظلوم عوام ۽ سڄي قوم جي ۽ سڄي ملڪ جي عوام جي ٻڌي حاصل ڪريون.

جيئي سنڌ! جيئي پورهيت عوام!

جيئي سمورين مظلوم قومن ۽ سمورين قومن جي مظلوم عوام جي ٻڌي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب الهه بچائي بلوچ سردار پرنٽنگ پريس،
گاڏي کاتي حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.